
معراج
جا جنتي مشاهدات
هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنّتن ڀريو بيان.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معراج جا جنتي مشاهدات

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہء منوّره سردارِ مڪہء مڪرمہ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: اي ماڻهو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات پائڻ وارو شخص اهو هوندو جيڪو توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيو هوندو.

(فردوس الاخبار، ج2 ص471 حديث 8210)

بچيں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دم دُرُودِ پاک ہم مولیٰ

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن ب نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب ب وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ت صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَتڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان ب نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ ”ترجمو ڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ آيَة[1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامکان نگاھون جهڪائي رکندس. صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اللہ عَزَّوَجَلَّ پنھنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيشمار مُعۡجِزَا عطا فرمايا اُن مُعۡجِزَن مان هڪ عَظِيۡمُ الشَّان مُعۡجِزَو ”معراج“ آهي. معراج جي رات سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جنّت جي سير ڪرائي وئي، جتي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترن ئي انعاماتِ الٰهيہ جو مشاهدو فرمايو، اڄ آئون توهان جي خدمت ۾ اُهي جنّتي مشَاهَدا پيش ڪرڻ جي سَعَادت حاصل ڪريان ٿو. جيئن تہ

[1] ...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

## جنت ۾ داخلو

سَروَرِ ڪائنات، فَخرِ مَوجُودَات صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ ( معراج جي رات) منهنجو جنت ۾ وڃڻ ٿيو، مون ڏٺو تہ اُن جا پٿر موتين جا ۽ اُن جي مٽي مُشڪ جي هئي،[1] پوءِ چار نهرون ڏٺيون، هڪ پاڻيءَ جي جيڪو تبديل ناهي ٿيندو، ٻي کير جي جنهن جو ذائقو تبديل ناهي ٿيندو، ٽين شَراب جي جنهن جي پيئڻ وارن جي لاءِ صرف لَذت آهي (نشو بلڪل ناهي) ۽ چوٿين پاڪيزه ۽ صاف سُٿري ماکيءَ جي. جنّت جا ڏاڙهون ڄِسامت ۾ ڏولن وانگر ۽ پکي اُٺن وانگر هئا، ان ۾ الله عَزَّوَجَلّ پنهنجن نيڪ ٻانهن جي لاءِ اهڙا اهڙا انعام تيار ڪري رکيا آهن، جنهن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو نہ ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نہ ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو خيال گذريو.[2]

وه بُرجِ بَطْحَا کا ماه پَاره بِہِشْتْ کی سَیر کو سِدَھارا
چمک پہ تھا خُلد کا سِتاره کہ اس قمر کے قدم گئے تھے

**شعر جي وضاحت:** وادي مڪّہ جا چند صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن معراج جي رات جنّت ۾ تشريف کڻي ويا تہ جنت جي مقّدر جو ستارو چمڪي ويو تہ جنّت ۾ مهتابِ رسالت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ قدم لڳي رهيا هئا.

سُرُورِ مَقْدَمْ کی روشنی تھی کہ تَابِشوں سے مَہِ عَرَب کی
جِنَاں کے گُلشن تھے جھاڑ فَرشی جو پُھول تھے سب کنول بنےتھے

---

[1] صحيح البخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، باب ذڪر ادريس عليہ السلام، ص٨٥٢، الحديث:٣٣٤٢

[2] دلائل النبوة للبيهقي، جماع ابواب المبعث، باب الدليل...بالافق الاعلٰي، ٢/٣٩٤.



www.dawateislami.net

**شعر جي وضاحت:** جڏهن ماهِ عرب، محبوبِ ربّ صَلّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جنّت ۾ آمد ٿي تہ روشني ئي روشني ڦيلجي وئي ۽ هي سيئي روشنيون عرب جي چنڊ جي روشن چهري مان نڪري رهيون هيون ۽ اهڙي عَالَم ۾ جنّت جا گُل بہ سهڻي نموني ٻهڪي رهيا هئا.

## ڪوثر جي نهر تي تشريف آوري

جنّت جي سير جي دوران حضور صَلّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ نهر تي تشريف کڻي آيا، جنهن جي ڪنارن تي جَوف دَار (اندران خالي ڪيل) موتين جا خيما هئا ۽ ان جي مٽي خالص مُشڪ جي هئي. پاڻ صَلّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جِبرائيل عَلَيهِ السَّلَام کان پڇيائون: اي جِبرائيل! هي ڇا آهي؟ عرض ڪيائون: هي ڪوثر آهي، جيڪا توهان صَلّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ربّ عَزَّوَجلَّ اوهان صَلّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا فرمائي آهي.[1]

آسمانوں پر گئے اور خُلد کی بھی سَیر کی
شاہ کا یہ مرتبہ، اھلاً وّسہلاً مرحبا

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰہ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٽي (3) نهرون

معراج جي رات تاجدارِ رِسالت، شهنشاهِ نُبوّت صَلّي اللّٰہ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنّت جي دروازي جي ويجهو ڪرسي تي ويٺل هڪ شخص کي ڏٺائون، جنهن جي وارن ۾ ڪَنگهي ڪيل هئي ۽ اُن وٽ ڪجهه سفيد چهرن وارا ۽ ڪجهه سياهه (ڪارن) چهرن وارا ماڻهو هئا، پوءِ اُهي ماڻهو

[1] (صحيح البخاري، ڪتاب الرقاق، باب في الحوض، ص١٦١٢، الحديث:٦٥٨١، بتقدم وتاخر)



www.dawateislami.net

جنهن جي رنگت ڪاري هئي، هڪ نهر وٽ آيا ۽ اُن مان غسل ڪيائون تہ انهن جو رنگ صاف ٿي ويو، اُن کان پوءِ اُهي وري هڪ ٻي نهر تي آيا ۽ اُن مان غسل ڪيائون تہ اُنهن جو رنگ مزيد صاف ٿي ويو، اُن کان پوءِ انهن ٽين نهر مان غسل ڪيو تہ اُهي بُلڪل سَفَيّد ٿي ويا. آخرڪار اُهي پنهنجي انهن ساٿين سان گڏ ويهي رهيا. سرڪار دو عالم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ جن جا چهرا سفيد آهن ۽ اُهي ڪير هئا جن جي رنگت ۾ ڪجهہ خرابي هئي، پوءِ اُهي نهر مان غسل ڪري نڪتا تہ انهن جا رنگ صاف ٿي ويا؟ عرض ڪيو ويو: يَا رَسُوْلَ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي (جنّت جي دروازي جي ويجهو ڪرسي تي وينل) شخص توهان صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والدِ حضرتِ ابراهيم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام آهن، هي زمين تي پهريان شخص آهن جن ڪنگهي (يعني وارن کي ڦڻي ڏني هئي) ۽ هي سفيد چهري وارا اُهي شخص آهن جن پنهنجي ايمان ۾ ڪنهن ناحق جي آميزش (ملاوت) نہ ڪئي ۽ اُهي جن جي رنگت ۾ خرابي هئي. هي اُهي شخص هئا، جن چڱن عملن سان گڏوگڏ ڪجهہ بُرا عمل بہ ڪيا هئا، پوءِ الله عَزَّوَجلَّ کان توبهہ ڪئي، تہ الله عَزَّوَجلَّ انهن جي توبهہ قبول فرمائي ۽ (جن نهرن ۾ انهن غسل ڪيو ان مان) پهرين نهر، الله عَزَّوَجلَّ جي رحمت، ۽ ٻي الله عَزَّوَجلَّ جي نعمت جي نهر هئي ۽ ٽين اُها نهر جتي الله عَزَّوَجلَّ انهن کي شرابِ طهور پياري آهي.

(دلائل النبوة، باب الدليل علي ان النبي عرج به ، ۲/۴۰۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ اُهي ماڻهو جن جي رنگت سياهہ (ڪاري) ٿي چُڪي هئي، رحمتِ الٰهي جي نهر ۾ غوطو (ٽُٻي)



www.dawateislami.net

لڳائڻ جي سبب انهن جي ڪارڻ ڏوپجي وئي، پوءِ نعمتِ الٰهي جي نهر ۾ غوطو هنيو ته انهن جو رنگ مزيد نِکرجي ويو ۽ جڏهن شَرَابِ طَهُور جي نهر مان پيتو ته انهن جا چهرا بلڪل صاف ٿي ويا. ياد رهي ته انهن کي گناهن جي ڪارڻ کان نجات اِن سبب کان ملي جو انهن (دنيا ۾) ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ توبهه ڪئي هئي ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي توبهه کي قبول فرمايو ۽ انهن جا چهرا روشن ڪري ڇڏيا. واقعي سچي توبهه نه صرف انسان جي گناهه جي ڪارڻ کي ڌوئي ڇڏيندي آهي، بلڪ ٻانهي کي فلاح ۽ ڪاميابي تائين پهچائي ڇڏيندي آهي، الله رَبُّ الْعَالَمِيْن قرآنِ مجيد ۾ سيپاري 18، سُوْرَةُ النُّور،آيت نمبر 31 ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَتُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ الله جي طرف توبهه ڪريو، اي مسلمانو! سموري جا سمورا هن اُميد تي ته توهان ڇوٽڪارو لهو.

منا منا سلامي ڀائرو! ربّ ڪريم جلّ جَلَالُهٗ تمام وڏو ڪريم آهي جو گناهگار کي هر وقت پنهنجي ڪرم جي ڇانو ۾ لڪائڻ لاءِ تيار آهي، ٻانهو ڪيترو ئي گناهگار ڇو نه هجي ان کي توبهه ڪرڻ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي ۽ هرگز هرگز الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان مايوس نه ٿيڻ گهرجي. پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي رحم ۽ ڪرم جي ڪا انتها نه آهي، اُهو پنهنجي ٻانهي جا زمين ۽ آسمان جي برابر گناهه به پنهنجي رحمت سان معاف فرمائيندو آهي. بس توبهه سچّي هئڻ گهرجي. الله توبهه ڪرڻ وارن سان ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. جيئن ته



www.dawateislami.net

## ٻانهي جي توبه تي اللّٰه عَزَّوَجلَّ جي خوشي

حضرتِ سَيِّدُنا عبدُ الله بن مَسْعُود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون رسولُ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو، بيشڪ الله عَزَّوَجلَّ پنهنجي مومن ٻانهي جي توبه کان اُن شخص کان وڌيڪ خوش ٿيندو آهي جيڪو ڪنهن هلاڪ ڪرڻ واري ڪنهن پٿريلي زمين تي پڙائو ڪري، اُن سان گڏ ان جي سواري بہ هجي، جنهن تي ان جو کاڌي پيتي جو سامان بہ رکيل هجي، پوءِ اهو مٿو رکي سمهي پئي، جڏهن سجاڳ ٿئي تہ اُن جي سُواري وڃي چڪي هجي. اهو اُن کي تلاش ڪري ايستائين جو ان کي سخت اُڃ لڳي تہ هاڻي اُهو چوي آئون اُن جڳهہ تي واپس وڃڻ چاهيان ٿو جتي آئون پهريان هئس، اُتي سمهي پوان ٿو، ايستائين جو مري وڃان، پوءِ اُهو پنهنجي ڪرائي تي مٿو رکي مرڻ جي لاءِ سمهي پوي، پوءِ جڏهن اُهو ننڊ مان سجاڳ ٿئي تہ اُن وٽ انُ جي سُواري موجود هجي، ان تي خوراڪ ۽ کاڌي پيتي جو شيون بہ موجود هجن تہ الله عَزَّوَجلَّ مؤمن ٻانهي جي توبه تي ان شخص جي پنهنجي سُواري جي واپسي تي خوش ٿيڻ کان بہ وڌيڪ خوش ٿيندو آهي.

(صحيح مسلم، ڪتاب التوبة ،باب في الحض علي التوبة والفرح بها، ص ١۴٦٨ ، حديث: ٢٧۴۴)

میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شرف عطا یا ربّ

## جنت جي آواز

شَبِ مِعراج، سرورِ دوعالم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گذر هڪ اهڙي واديءَ کان ٿيو، جتي ٿڌي، پاڪيزه ۽ خوشبودار هوائون هلي رهيون



www.dawateislami.net

هيون ۽ پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ آواز ٻڌو. فرمايائون: اي جبريل! هي ٿڌي، پاڪيزه ۽ خوشبودار هوا ڇا آهي؟ ۽ هي آواز ڇا جو آهي؟ عرض ڪيو ويو: هي جنّت جو آواز آهي جيڪا چئي رهي آهي: اي منهنجا ربّ عَزَّوَجلَّ مون ۾ رهڻ وارن ماڻهن کي مون ڏانهن موڪلي ڇڏ ۽ اُن جو جنهن جو تو مون سان وعدو ڪيو آهي، بيشڪ منهنجي اندر خوشگوار خوشبو، ريشم، ڪريب (ڪَ رَيِّ بَ) ۽ بخمل جا اعليٰ ڪپڙا ۽ بي مثال شيون، موتي، مرجان، سَون، چاندي ۽ جڳ نما لوٽا ۽ پڻ ميوا، ماڪيءَ (پاڪيزه) شراب ۽ کير تمام وڏيڪ آهي. لهٰذا انهن کي منهنجي اندر موڪل جنهن جو تو مون سان وعدو ڪيو آهي.

الله عَزَّوَجلَّ ان کي فرمايو: هرمسلمان مؤمن مرد ۽ عورت ۽ جيڪو مون تي ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻي، نيڪ عمل ڪري پڻ ڪنهن کي منهنجو شريڪ ۽ برابر نہ ڪري، اُهو تنهنجي لاءِ آهي ۽ جيڪو مون کان ڊڄي آئون ان کي امن ڏيندس، جيڪو مون کان سُوال ڪري آئون ان کي عطا ڪندس، جيڪو مون کي قرض ڏي (صدقاتِ واجبہ ۽ نافلہ ادا ڪري) آئون ان کي جزا ڏيندس، جيڪو مون تي توڪّل ڪري، آئون ان کي ڪفايت ڪندس ۽ مان الله آهيان، مون کان علاوه ڪوبہ معبود ناهي، مان وعده خلافي نہ ڪندو آهيان، بيشڪ ايمان آڻڻ وارا ڪامياب ٿيا. (ان کان پوءِ الله عَزَّوَجلَّ پنهنجي پاڪ ڪلام مان سورۂ مُؤْمِنُوْن ۾ مٿي ذڪر ڪيل مؤمنن جون خوبيون بيان فرمايون) تہ جنّت چيو: آئون راضي آهيان.

(دلائل النبوة، باب الدليل علي ان النبي عرج به ، ٣٩٩/٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو تہ جنّت پنهنجي اندر موجود ڪيترين خوبصورت ۽ اعليٰ نعمتون ذِڪر ڪيون ۽ الله عَزَّوَجلَّ جي بارگاھ ۾ هي



www.dawateislami.net

۽ عرض ڪيو تہ ان نعمتن مان مزو ماڻيندڙ خوش نصيبن ڪي منهنجي اندر داخل فرماءِ، ان تي خالقِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جنت کي اُن ۾ رهندڙ يعني اهلِ ايمان مَردن ۽ عورتن جي باري ۾ ٻڌائڻ ڪان پوءِ ڪامياب مؤمنن جون خوبيون بہ بيان فرمايون، اچو تہ اُهي خوبيون سماعت ڪريون. جيئن تہ

## فردوس جي ميراث حاصل ڪرڻ وارا ماڻهو

سيپاري 18 سورۃ مُؤْمِنُوْن آيت نمبر 1 ڪان 11 ۾ جنت جي ميراث حاصل ڪرڻ وارا خوش نصيبن جي باري ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۝١ الَّذِیْنَ هُمْ فِیْ
صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ۝٢ وَ الَّذِیْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ
مُعْرِضُوْنَ ۝٣ وَ الَّذِیْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۝٤
وَ الَّذِیْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ۝٥ اِلَّا عَلٰۤى
اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَیْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ
غَیْرُ مَلُوْمِیْنَ ۝٦ فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ
فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ۝٧ وَ الَّذِیْنَ هُمْ
لِاَمٰنٰتِهِمْ وَ عَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ۝٨ وَ الَّذِیْنَ
هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ یُحَافِظُوْنَ ۝٩ اُولٰٓىٕكَ هُمُ
الْوٰرِثُوْنَ ۝١٠ الَّذِیْنَ یَرِثُوْنَ الْفِرْدَوْسَ هُمْ
فِیْهَا خٰلِدُوْنَ ۝١١ (پ ١٨، المؤمنون: ١. ١١)

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ مراد کي پهتا ايمان وارا. جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ۽ زاري ڪن ٿا. ۽ اُهي جيڪي ڪنهن بيهوده ڳالهہ جي طرف واجهائيندا نہ آهن. ۽ اُهي جيڪي زڪوٰت ادا ڪندڙ آهن. مگر پنهنجين زالن يا شرعي ٻانهين تي جيڪي انهن جي هٿ ملڪيت آهن (اِنهن سان) انهن تي ڪا ملامت نہ آهي. پوءِ جيڪو انهن ٻن ڪان سواءِ ڪجهہ ٻيو گهري تہ اُهي حد ڪان لنگهندڙ آهن. ۽ اُهي پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي عهد جي رعايت ڪندڙ آهن. ۽ جيڪو پنهنجي نمازن جي حفاظت ڪندا آهن. اُهي ئي ماڻهو وارث آهن. جيڪي فردوس جا وارث ٿيندا سي ان ۾ هميشہ رهندا.



www.dawateislami.net

فرما کے شَفَاعَت مری اے شافعِ محشر!
دوزخ سے بَچَا کر مُجھے جَنّت میں بَسانا

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## جنت جي دروازي تي لکيل تحرير

حضرتِ سَيِّدُنا اَنَس بن مالِک رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته رَسُولِ کَرِيْم، رَؤُوفٌ رَّحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن رات مونکي معراج ٿيو، مون جنت جي دروازي تي هي لکيل ڏٺو ته **صَدَقي جو ثواب ڏهه (10) ڀيرا ۽ قرض جو ارڙهن (18) ڀيرا آهي.** مون جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو: ڇا سبب آهي جو قرض جو دَرَجو صَدَقي کان وڌيڪ ٿي ويو آهي؟ انهن چيو ته سائل وٽ مال هوندو آهي ۽ پوءِ به سوال ڪندو آهي جڏهن ته قرض وٺڻ وارو حاجت جي بِناء تي ئي قرض وٺندو آهي. (سنن ابن ماجة، کتاب الصدقات، باب القرض، ص۳۸۹، الحديث:۲٤۳۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان مان اسان کي هي درس ملي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي قرض جي ضرورت هجي ته الله تعاليٰ جي رضا ۽ بين سنين سنين نيّتن سان حسبِ استطاعت قرض ڏئي ڪري ان جي مدد ڪريو ۽ اجر ۽ ثواب جو زخيرو حاصل ڪريو، ياد رهي ته قرض ڏيڻ ۽ قرضدارن تي نرمي ڪرڻ وارن تي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجو خاص فضل ۽ ڪرم فرمائيندو آهي. جئين ته

## مقروض تي نرمي سان بخشش ٿي وئي

حضرتِ سَيِّدُنا ابُو هُريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته رسولِ اَکْرَم، شَهَنْشَاهِ بني آدم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هڪ شخص



www.dawateislami.net

ڪڏهن بہ ڪو نيڪ ڪم نہ ڪيو هو، پر ها! اُهو ماڻهن کي قرض ڏيندو هو ۽ پنهنجن نوڪرن کي چوندو هو تہ جڏهن مقروض (قرض وٺڻ وارو) خوشحال ٿي وڃي تہ ان کان قرض وٺجو ۽ جيڪڏهن تنگدست هجي تہ نہ وٺجو (بلڪ در گزر ڪجو ۽ مزيد مهلت ڏجو). "اي ڪاش! اسان جو ربّ عَزَّوَجلَّ اسان سان بہ درگذر فرمائي." بهرحال جڏهن اُهو شخص دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، تہ الله عَزَّوَجلَّ هن شخص کان پڇيو: "ڇا تو ڪڏهن نيڪي بہ ڪئي؟" هن شخص عرض ڪيو: نہ، پر ها! آئون ماڻهن کي قرض ڏيندو هئس ۽ جڏهن پنهنجي خادم کي قرض جي وَصُولي جي لاءِ موڪليندو هئس تہ ان کي چوندو هئس تہ خوشحال کان تہ وٺجو پر تنگدست کان نہ وٺجو بلڪ درگذر ڪجو، ٿي سگهي ٿو تہ (انهيءَ جي سبب) الله عَزَّوَجلَّ اسان سان بہ درگذر فرمائي." تہ الله عَزَّوَجلَّ ارشاد فرمايو: "(وڃ!) مون تو کي بخشي ڇڏيو."

(مسند امام احمد،مسند ابی هريره، ۳/۲۸۵،حديث:۸۷۳۸)

## بلند ۽ ڊگها محلات

مروي آهي تہ معراج جي رات جنّت ۾ پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهہ بلند ۽ ڊگها محلّات ملاحظہ فرمايا، جن جي باري ۾ پڇڻ تي حضرتِ جبرائيل عَلَيهِ السَّلَام جن عرض ڪيو تہ هي غصو پيئڻ وارن ۽ ماڻهن سان درگذر ڪرڻ وارن جي لاءِ آهن ۽ الله عَزَّوَجلَّ احسان ڪرڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي. (مسند الفردوس، باب الراء، ۲/۲۵۵، الحديث:۳۱۸۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غصو غير اختياري شيءِ آهي، هي نفس جي اُن جوش کي چوندا آهن جيڪو بدلي وٺڻ تي اڀاريندو آهي ۽ ان جي



www.dawateislami.net

سيني ۾ انتقام جي باھ پڙڪي پوندي آھي. ان حالت ۾ ڪو شخص پنھنجي پاڻ کي قابو ۾ رکي ۽ عفو و درگذر کان ڪم وٺي، احاديث ۾ ان جي لاءِ ڪيترائي فضائل آيا آھن. جن مان ھڪ ته ھاڻي بيان ٿيو، اچو ته مزيد ٻه فرمانِ مصطفيٰ سَمَاعَتْ ڪريون.

1. جنھن غصي کي ضبط ڪري ورتو حالانڪ اُھو ان کي نافذ ڪرڻ تي قادر ھجي ته الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينھن ان کي تمام مخلوق جي سامھون گھرائيندو ۽ اختيار ڏيندو ته جنھن حُور کي چاھين وٺي وڃي.
(سنن ابی داود، کتاب الادب، باب من کظم غیظا، ص٧٥٢، الحدیث: ٤٧٧٧)

2. منھنجي اُمّت ۾ بھترين ماڻھو اُھي آھن جڏھن انھن کي غصو اچي ته فورًا رجوع ڪري وٺندا آھن.

(المعجم الاوسط للطبرانی، باب المیم، من اسم محمد، ٢٢٤/٤، الحدیث:٥٧٩٣)

حُسنِ اَخْلَاق اور نرمی دو    دُور ھو خُوئے اِشتِعاَل آقا

## موتين سان تيار ڪيل گنبد جھڙا خيما

جنّت ۾ پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موتين سان تيار ڪيل گنبد جھڙا خيما ملاحظ فرمايا، جنھن جي مٽي مُشڪ ھئي. پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيائون: لِمَنْ هٰذَا يَا جِبْرِيْل يعني اي جبريل! ھي ڪنھن جي لاءِ آھن؟ عرض ڪيو: اي مُحَمَّد صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ھي توھان صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت جي آئمه (يعني مسجد جا امام) ۽ مؤذِّنن جي لاءِ آھن. (المسند للشاشی، مسند عبادة بن الصامت، ٣٢١/٣، الحدیث:١٤٢٨)

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! رِضاءِ الٰھي جي لاءِ اذان ڏيڻ ۽ اِمامت ڪرڻ



www.dawateislami.net

جو ڪيترو نہ وڏو شان آهي جو ربّ تعاليٰ انهن جي لاءِ جنّت ۾ موتين سان ٺهيل خيما تيار ڪري رکيا آهن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ توفيق عطا فرمائي. اچو تہ! ان جي باري ۾ مزيد بہ فرمانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا.

1. ثواب جي خاطر اذان ڏيڻ وارو اُن شهيد وانگر آهي جيڪو خون سان لٿڙيل هجي ۽ جڏهن مرندو، تہ قبر ۾ ان جي جسم ۾ ڪيڙا نہ پوندا. (الترغيب والترهيب، كتاب الصلاة، الترغيب فى الاذان...الخ، ص٩٥، الحديث:٢٤)

2. جنهن پنجن (5) نمازن جي اذان، ايمان جي بِنا تي ثواب جي نيّت سان چئي، ان کان جيڪي پهريان گناهہ ٿي ويا هئا، معاف ٿي ويندا ۽ جيڪو ايمان جي بِنا تي ثواب جي لاءِ پنهنجي ساٿين جي پنج (5) نمازن ۾ اِمامت ڪري، ان جا سابقہ گناهہ معاف ڪيا ويندا.

(كنز العمال، كتاب الصلا ة، قسم الاقوال، الفصل الرابع...الخ، ٢٨٩/٧، لحديث:٢٠٩٠٢)

## نور ۾ ڍڪيل ماڻهو

سَفَرِ معراج جي حسين رات پياري پياري آقا صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گُذر هڪ اهڙي شخص وٽان ٿيو جيڪو عرش جي نُور ۾ لڪيل هو. پاڻ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي ڪير آهي، ڇا ڪو فرشتو آهي؟ عرض ڪيو ويو: نہ. فرمايائون: ڪو نبي آهي؟ چيو ويو: نہ. پڇيائون: پوءِ هي ڪير آهي؟ ٻڌايو ويو: هي اُهو شخص آهي جنهن جي زبان دنيا ۾ ذڪرِ الٰهي سان تَر رهندي هئي، ان جو دل مسجدن سان لڳل رهندو هو ۽ هي ڪڏهن بہ پنهنجي والدين کي بُرو چوڻ ۽ اُن جي بي عزتي ڪرڻ جو سبب نہ بڻيو. (موسوعة الامام ابن ابى الدنيا، كتاب الاولياء، ٤١٥/٢، الحديث: ٩٥)



www.dawateislami.net

سُبْحٰنَ اللّٰــه عَزَّوَجَلَّ! ان روايت مان معلوم ٿيو تہ ذڪرِ الٰهي جي ڪثرت، مسجدن سان محبت ۽ والدَين جي لاءِ بُرائي جو سبب بڻجڻ ڪان بچڻ، اِهي ٿئي عملَ اللہ رَبُّ الْعِزّت عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ گهڻا ئي محبوب آهن. ان روايت ۾ ان ڳالهہ جي ترغيب موجود آهي تہ انسان گار گند، لڙائي جهڳڙو، نشي بازي، جُوا وغيره ڪنهن بہ اهڙي فعل جو هرگز هرگز مرتڪب نہ ٿئي جو ان جي والدين جي لاءِ طعنن، مِهڻن ۽ بي عزتي جو باعث بڻجي ۽ حشر جي ڏينهن سندس بہ شرمندگي جو منهن ڏسڻو پوندو.

والدين کي بہ گهرجي تہ شروع ڪان ئي پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪن، چڱن ڪمن جي ترغيب ڏيارين، بُرن ڪمن ڪان روڪين، جيڪڏهن ٻارن کي ائين ئي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو ۽ اُهي غلط رستي تي هلي پيا تہ پوءِ پڇتائڻ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ هٿ نہ ايندو، درحقيقت اولاد کي نيڪ يا بد بنائڻ ۾ والدين جي تربِيَت جو وڏو دخل هوندو آهي، پر افسوس والدين ئي پنهنجي اولاد جي صحيح تربيت ڪرڻ ڪان غافل آهن ۽ خود ئي گناهن ڀري زندگي ۾ بدمست آهن، جڏهن تہ والدين جو مَقْصَدِ حَيات حُصُولِ دَولت، آرام طلبي، وقت گزارِي ۽ عيش ڪوشي بڻجي وڃي تہ اُهي پنهنجي اولاد جي ڇا تربيت ڪندا ۽ جڏهن تربِيَتِ اولاد ۾ لاپرواهي جا اثرات سامهون ايندا آهن تہ اهي ئي والدين هر هڪ جي سامهون پنهنجي اولاد جي بگڙجڻ تي روئندي نظر ايندا آهن.

اهڙن والدين کي غور ڪرڻ گهرجي تہ اولاد کي ان حال تائين پهچائڻ



www.dawateislami.net

۾ سندن جو ڪيترو هٿ آهي؟ ڇو تہ انهن پنهنجي ٻار کي ABC ڳالهائڻ تہ سيکاريو پر قرآنِ پاڪ پڙهڻ نہ سيکاريو، مغربي تهذيب جا طور طريقا تہ سمجهايا پر رسولِ عَرَبي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنّتون نہ سيکاريون، جنرل نالج (عام معلومات) جي اهميت تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان جي سامهون ڳالهايو، پر فرض ديني عُلوم جي حصول جي ترغيب نہ ڏياري، اُن جي دل ۾ مال جي مَحَبَّت تہ ويهاري پر عشقِ رسول صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شمع نہ ٻاري، پنهنجي اولاد کي دُنيوي ناڪامين جو خوف تہ ڏياريو پر قبر ۽ حشر جي امتحان ۾ ناڪامي کان نہ ڊيڄاريو، پنهنجي اولاد کي هاءِ هيلو چوڻ تہ سيکاريو پر سلام ڪرڻ جو طريقو نہ ٻڌايو، گناهن کي ڪرڻ ۾ آزادي، ۽ راند روند جي قسمن قسمن جون شين جو بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي استعمال، ڪيبل، انٽرنيٽ جون شرارتون، سوشل ميڊيا جو غلط استعمال، رقص ۽ سُرُور جي محفلن ۾ مصروفيت ۽ بگڙيل گهريلو ماحول هي سڀ ڪجهه ٻار جي طبيعت ۾ شيطانيت ۽ نفسانيت کي ايترو اڀاري ڇڏيندو آهي جو ان کان پاڪيزه ڪردار جي اميد تمام مشڪل ٿي ويندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اولاد جي بهترين تَربِيَت ڪيئن ڪريون؟ هي ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”تربيتِ اولاد“ جو مطالعو ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اولاد جي تربيت جا ڪيترائي مدني گُل حاصل ٿيندا.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## شانِ صِدِّيقِ اکبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

معراج جي بَابَرکت رات جڏهن پياري آقا صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت ۾ تشريف کڻي آيا تہ ريشم جي پردن سان سينگاريل هڪ محل ملاحظ فرمايائون: پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جبرائيل عَلَيْہِ السَّلَام کان پڇيو: اي جبرائيل عَلَيْہِ السَّلَام هي کنهن جي لاءِ آهي؟ عرض ڪيو: حضرتِ ابوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي لاءِ آهي.

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! عاشِقِ اَڪبَر حضرتِ سيِّدُنا ابُوبَڪْر صِدِّيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جو ڪيڏو نہ وڏو شان آهي. ياد رهي! تہ نبين ۽ رسولن عَلَيْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کان بعد انسانن ۾ سيدنا ابو بڪر صديقِ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ سڀ کان افضل آهن. سندن رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جا فضائل بي شمار آهن، رسولِ ڪريم، رَؤُفٌ رَّحيم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي مَردن ۾ سڀ کان پهرين پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ ايمان آندو، سفر ۽ حضر ۾ پياري آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ رهيا، پياري آقا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ ئي هجرت جي سعادت حاصل ڪئي ۽ فَنَا فِي الرَّسُول جي اُن مقام تي فائز ٿيا جو پنهنجو مال، جان، اولاد، وطن الغرض هر شيء رسولِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي قربان ڪري ڇڏيو.

اهو ئي سبب آهي جو بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ حضرتِ سَيِّدُنا ابُوبَڪْر صِدِيق رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جن تمام بُلند مرتبا ماڻيا ۽ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي ڪيترن ئي انعامن جا حقدار بہ ٿيا.



www.dawateislami.net

بیان ہو کس زبان سے مرتبہ صِدّیقِ اکبر کا　　ہے یارِ غار، محبوبِ خُدا صِدّیقِ اکبر کا
رُسُل اور انبیاء کے بعد جو افضل ہو عالَم سے　　یہ عالَم میں ہے کس کا مرتبہ، صِدّیقِ اکبر کا

## حضرتِ بِلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي قدمن جو آواز

جنّت جي سير جي دوران، ٻنهي جهانن جي سردارِ، مديني جا تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪنهن جي قدمن جو آواز سماعت فرمايو، جنهن جي باري ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ٻڌايو ويو ته هي حضرتِ بِلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آهن. (مشكاة المصابيح كتاب المناقب، باب مناقب عمر، ٤١٨/٢، الحديث:٦٠٣٧، ملتقطاً)

قربان وڃون! ڇا شان آهي مُؤذِّنِ رسول، حضرتِ سَيِّدُنا بِلالِ حبشي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن جي قدمن جو آواز جنّت ۾ سماعت فرمائي رهيا آهن. سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي اهو مقام ڪهڙي عمل جي سبب حاصل ٿيو، اچو ته ٻڌون ٿا!

جيئن ته حضرتِ سَيِّدُنا ابُوهُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته (هڪ دفعي) سرڪارِ عالي وقار، محبوبِ ربِّ غفّار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فجر جي وقت حضرتِ بِلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي فرمايو: اي بلال! مون کي ٻڌايو ته توهان اسلام ۾ اهو ڪهڙو عمل ڪيو آهي جنهن تي ثواب جي اُميد سڀ کان وڌيڪ آهي. ڇو ته جنّت ۾ مون پنهنجي اڳيان تنهنجي قدمن جو آواز ٻڌو آهي. عرض ڪيائون: منهنجي خيال ۾ مون کو اهڙو اُميد وڌائيندڙ عمل ناهي ڪيو. ها! مون رات ڏينهن جنهن وقت به وُضُو يا غسل ڪيو ته اهڙي قدر نماز پڙهي، جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مقدر ۾ ڪئي هئي.

(صحيح المسلم،كتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل بلال، ص٩٥٧، الحديث:٢٤٥٨)



www.dawateislami.net

## شرحِ حديث

اِن حديثِ پاڪ جي شرح ڪندي حڪيمُ الْاُمَّت حضرتِ علاّمه مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِي فرمائن ٿا تہ حضرتِ بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن جو حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اڳيان جنّت ۾ وڃڻ ايئن آهي جيئن نوڪر چاڪر بادشاهن جي اڳيان ”هٽو بارو“ ڪندي هلندا آهن. مطلب هي آهي تہ اي بِلال! تو اهو ڪهڙو ڪم ڪيو آهي جنهن سان توکي منهنجي هي خدمت مُيسَّر آئي؟ ياد رهي تہ معراج جي رات نہ حضرتِ بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ، حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ جنّت ۾ ويا ۽ نہ ئي اوهان کي معراج نصيب ٿيو پوءِ بہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اُن رات اهو واقعو ملاحظہ فرمايو جيڪو قيامت کان پوءِ ٿيندو جو تمام مخلوق کان پهرين حُضُور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت ۾ داخل ٿيندا، اهڙي طرح جو حضرتِ بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ خادم جي حيثيت سان اڳيان هوندا،

ان مان ڪجهہ مسئلا معلوم ٿيا، هڪ هي تہ الله تعاليٰ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ماڻهن جي انجام تي خبردار ڪيو تہ ڪير جنّتي آهي ۽ ڪير دوزخي ۽ ڪير ڪنهن دَرَجي جو جنّتي، دوزخي آهي، هي عُلُومِ خمسہ مان آهن ۽ ٻيو هي تہ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪن مبارڪ ۽ اکيون مبارڪ لکين سالن کان بعد ٿيڻ وارا واقعات کي ٻڌي وٺندا آهن ۽ ڏسي وٺندا آهن تہ هي واقعو هن تاريخ کان ڪيترن لکن سالن کان بعد ٿيندو، پر قربان انهن ڪَنن مبارڪن تان جو اُهي اڄ بہ ٻڌي رهيا آهن. ٽيون هي تہ انسان جنهن حال ۾ زندگي گذاريندو انهي حال ۾ اُٿي هوندو، حضرتِ بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن پنهنجي زندگي حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي



www.dawateislami.net

خدمت ۾ گذاري ته اُتي به خادم تي ڪري اٿيا.

۽ حضرتِ بِلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو فرمان ته ”مون رات ڏينهن جنهن وقت به وُضُو يا غسل ڪيو ته ايتري ئي قدر نماز پڙهي، جيڪا منهنجي مقدر ۾ هئي“ جي وضاحت ڪندي مفتي صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: يعني ڏينهن رات ۾ جڏهن به مون وُضُو يا غسل ڪيو ته به نفل ”تَحِيَّةُ الْوُضُو“ پڙهي ورتا، پر هتي غير مڪروه وقت ۾ پڙهڻ مُراد آهي ته جيئن هي حديث مُمانِعت جي حديثن جي خلاف نه ٿئي. خيال رهي ته حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حضرتِ بِلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان هي پڇڻ ان لاءِ هو جو اوهان ئي جواب ڏيو ۽ اُمَّت ان تي عمل ڪري، نه ته حُضُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ته هر شخص جي لڪيل ڍڪيل عمل کان واقف آهن. پڻ هي دَرَجو صرف حضرتِ بِلال رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ان نفلن جو آهي، ماڻهو هزارين ئي هي نفل پڙهن يا پابندي ڪن پر انهن کي هي خدمت نصيب ناهي. (مرآة المناجيح، نوافل جو باب، پهرين فصل، ۲/۳۰۰)

منا منا اسلامي ڀائرو! اِن روايت ۾ اسان کي حضرتِ سَيِّدُنا بِلالِ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي مقام ۽ مرتبي سان گڏوگڏ تَحِيَّةُ الْوُضُو جي اهميَّت ۽ فضيلت به معلوم ٿي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ شيخ طَريْقت، اَميْرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جن اسان جي اصلاح جي لاءِ 72 مدني انعامات جو جيڪو مدني گلدستو عطا فرمايو آهي، ان ۾ هڪ مدني انعام تَحِيَّةُ الْوُضُو ادا ڪرڻ جي متعلق به آهي، جيئن ته مدني انعام نمبر



www.dawateislami.net

20 ۾ آهي: ”ڇا توهان اڄ ڳهٽ ۾ ڳهٽ هڪ پيرو تَحِيَّةُ الْوُضُو ۽ تَحِيَّةُ الْمَسْجِد ادا فرمائي؟“ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خُلوصِ نيّت سان مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## زَبرَجَد (زمرد) ۽ ياقُوت جا خيما

جنّت جي حسين و جميل ۽ پياري پياري وادين جي سير فرمائيندي پياري آقا، مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ نهر تي تشريف کڻي آيا جنهن کي ”بَيْذَخ“ چيو ويندو آهي، ان تي موتين، سائي زَبرجَد ۽ ڳاڙهي يَاقُوت جا خيما هئا. ايتري ۾ هڪ آواز آئي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله.

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان دريافت فرمايو تہ اي جبريل! هي ڪهڙو آواز آهي؟ عرض ڪيو: هي خيمي ۾ پڙدي ۾ رهندڙ حُورون آهن، انهن پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام چوڻ جي اجازت گُهري هئي ۽ ربّ تعاليٰ انهن کي اجازت عطا فرمائي، پوءِ اُهي (حُورون) چوڻ لڳيون: اسين خوش رهڻ واريون آهيون ڪڏهن بہ ناگواري ۽ نفرت جو باعث نہ ٿينديون سين ۽ اسان هميشہ رهڻ واريون آهيون ڪڏهن بہ فنا نہ ٿينديون سين.

(الدر المنثور، سورة الرحمن، تحت الآية:٧٢، ١٤/١٦١.)

مدّت سے جو ارمان تھا وہ آج نِکالا
حُوروں نے کیا خوب نظارہ شَبِ معراج



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪريو تہ رَبّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جنّت کي پنهنجي ٻانهن جي لاءِ ڪيترو سينگاري رکيوَ آهي ۽ ان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون اعليٰ نعمتون تيار ڪري رکيون آهن. اچو تہ! مختصر جنّت جون مزيد خوبيون ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جي دلين ۾ ان کي حاصل ڪرڻ جي رَغْبَت پيدا ٿئي ۽ نيڪ عملن جو جذبو نصيب ٿئي. جيئن تہ

## جنت جو بيان

صَدرُ الشَّرِيعه، بدرُ الطَّرِيقه حضرتِ علاّمه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِي بهارِ شريعت، پهرين حصي ۾ جنّت جي باري بيان ڪندي فرمائن ٿا:

جنّت هڪ مڪان آهي جيڪو الله تعاليٰ ايمان وارن جي لاءِ ناهيو آهي. ان ۾ اهي نعمتون مهيا ڪيون آهن جنهن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو، نہ ڪنهن ڪَن ٻڌو، نہ ڪنهن ماڻهو جي دل تي ان جو خطرو (يعني گمان) گذريو. جيڪو مثال اُن جي تعريف ۾ ڏنو وڃي اُهو سمجهائڻ جي لاءِ آهي، نہ تہ دنيا جي اعليٰ کان اعليٰ شيء کي جنّت جي ڪنهن شيء سان برابري نہ آهي. جنّت ڪيتري وسيع آهي، ان کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي ڄاڻن. اجمالي (مختصر) بيان هي تہ ان ۾ سؤ (100) درجا آهن، هر ٻن درجن ۾ ايتري مسافت آهي جيتري زمين ۽ آسمان جي درميان آهي. جنّت ۾ هڪ درخت (وڻ) آهي جنهن جي ڇانو ۾ سؤ (100) سالن تائين تيز رفتار گهوڙي تي سُوار هلندو رهي ۽ ختم نہ ٿئي، جنّت جا دروازا ايترا وسيع هوندا جو هڪ ٻانهن کان ٻي تائين تيز رفتار گهوڙي جي ستر (70) سالن جي راهہ هوندي. جنّت جون



www.dawateislami.net

ديوارون سَون ۽ چانديءَ جي سِرن ۽ مُشڪ جي گاري سان تيار ٿيل آهن، هڪ سِر سَون جي، هڪ چانديءَ جي، زمين زعفران جي، پٿرين جي جڳهه موتي ۽ ياقُوت، هڪ روايت ۾ آهي جنّتِ عَدن جي هڪ سِر سفيد موتي جي آهي، هڪ ڳاڙهي ياقوت جي، هڪ سائي زَبَرجَد جي ۽ مُشڪ جو گارو آهي ۽ گاهه جي جڳهه زعفران آهي، موتي جون پٿريون، عنبر جي مِٽي، جنّت ۾ هڪ هڪ موتي جو خيمو هوندو جنهن جي بلندي سٺ (60) ميل. جنّت ۾ چار (4) درياء آهن، هڪ پاڻي جو، ٻيو کير جو، ٽيون ماکيءَ جو، چوٿون شراب جو، پوءِ ان مان نهرون نڪري ڪري هر هڪ جي مڪان ۾ جاري آهن، اُتان جون نهرون زمين کوٽي ڪري نه ٽيون وهن بلڪ زمين جي مٿان مٿان وهن ٿيون، نهرن جو هڪ ڪنارو موتي جو، ٻيو ياقوت جو ۽ نهرن جي زمين خالص مُشڪ جي. جنّتين کي جنّت ۾ هر قسم جو لذيذ کاڌو ملندو، جيڪي چاهيندا فورًا سامهون موجود هوندو، جيڪڏهن ڪنهن پکيءَ کي ڏسي ان جو گوشت کائڻ جو دل چوندو انهي وقت پُڳل ان جنّتي جي سامهون اچي ويندو، جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش ٿيندي ته ڪُوزا خود ئي انهن جي هٿن ۾ اچي ويندا، ان ۾ بلڪل ٺيڪ اندازي جي مطابق پاڻي، کير، شراب ۽ ماکيء هوندي، جو اُن جي خواهش کان نه هڪ قطرو گهٽ نه وڌ، پيئڻ کان پوءِ جتان کان آيا هئا هلي ويندا، مٿي جا وار، پنبڻ ۽ ڀِرون کان سواءِ جنّتي جي جسم تي ڪٿي به وار نه هوندا، سڀ بي ريش (بغير ڏاڙهي جي) هوندا، سُرمو لڳل اکيون، ٽيهه (30) سالن جا لڳندا هوندا ۽ ڪڏهن به ان کان وڌيڪ معلوم نه ٿيندا، گهٽ کان گهٽ



www.dawateislami.net

درجي واري جنّتي جي لاءِ اَسّي هزار (80,000) خادم ۽ ٻاهتر (72) زالون هونديون ۽ انهن کي اهڙا تاج ملندا جو ان ۾ گهٽ وارو موتي مشرق ۽ مغرب جي درميان روشن ڪري ڇڏي.

(بهارِ شريعت، پهريون حصو، ۱۵۲/۱۔۱۶۲ ملتقطاً)

بِلا حِسَاب ہو جنّت میں داخِلہ یا ربّ
پڑوس خُلْد میں سرور کا ہوعطا یا رب

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! معراج جي رات پياري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جتي اطاعت گذار ۽ فرمانبردار ٻانهن تي ٿيڻ وارن اِنعاماتِ اِلٰهيہ جو مشاهدو فرمايو تہ اُتي نافرمانن کي قهرِ الٰهي ۾ گرفتار بہ ڏٺو، جيڪي پنهنجي گناهن جي سزا ۾ انتهائي درد ناڪ عذابن ۾ مبتلا هئا. جيئن تہ

## عذابن ۾ مبتلا ماڻهو

مروي آهي تہ معراج جي رات، سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو گُذر ڪجهہ اهڙن ماڻهن وٽان ٿيو جن تي ڪجهہ ماڻهو مقرّر هئا، انهن مان ڪجهہ ماڻهو انهن ماڻهن جون ڄاڙيون کولي رکيون هيون ۽ ڪجهہ ٻيا ماڻهو انهن جا گوشت ڪٽيندا ۽ رت سان گڏ انهن جي منهن ۾ ڏکي ڇڏيو. پياري آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پڇيو تہ اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي ماڻهن جون غيبتون ۽ انهن جون عيب جويون ڪرڻ وارا آهن.

(مسند الحارث، ڪتاب الايمان، باب ما جاء في الاسراء، ۱۷۲/۱، الحديث:۲۷)



www.dawateislami.net

معراج جي رات نبيّن جا سردار، رسولن جا سالار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دوزخ ۾ ڪجھ اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا جيڪي باھ جي شاخن سان لٽڪيل هئا. پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو: اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي والدين کي گاريون ڏيندا هئا.

(الزواجر، کتاب النفقات علی الزوجات...الخ، الکبیرۃ الثانیۃ بعد الثلاثمائۃ، ۱۲۵/۲)

انهيءَ رات سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙن ماڻهن جي ويجهو بہ تشريف کڻي آيا جن جي اڳيان ۽ پويان (گوشت) جا ٽڪرا لٽڪي رهيا هئا جيڪي جانورن وانگر چَرندي ڪندن وارو گاھ، ٿوهڙ ۽ جهنّم جا تپيل (گرم) پٿر ڳڙڪائي رهيا هئا، پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پڇيو اي جبريل! هي ڪير ماڻهو آهن؟ عرض ڪيو: هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي مال جي زڪوٰت نہ ڏيندا هئا، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ انهن تي ظلم ناهي ڪيو ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ٻانهن تي ظلم نہ فرمائيندو آهي.

(الترغيب والترهيب، کتاب الصدقات، الترهيب من منع الزکاۃ...الخ، ص۲۶۳، الحديث:۱۵)

منا منا اسلامي ڀائرو! جنّت جي آسائشن ۽ نعمتن تي نظر رکڻ سان گڏوگڏ ٿورو ان عذابن تي بہ غور ڪريون! ڪير آهي جيڪو ان هولناڪ عذابن کي برداشت ڪري سگهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! ڪنهن ۾ بہ جهنّم جو عذاب برداشت ڪرڻ جي طاقت ناهي ۽ پوءِ پنهنجي هيٺائي ۽ ڪمزوري کي ڏسون، آہ! اسان جي ڪمزوري جو حال تہ اهو آهي جو هلڪو مٿي جو سُور يا بُخار تڙپائي ڇڏيندو آهي تہ پوءِ آخرت جا هي درد ناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهجن ٿا، ان جي لاءِ اجان وقت آهي



www.dawateislami.net

ڏجي وجون ۽ فورًا ڪيل گناهن کان توبهه ڪريون نہ تہ جيڪڏهن هي موقعو هٿ مان نڪري ويو ۽ توبهه کان پهريان ئي موت اچي ويو تہ پوءِ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. ياد رهي! هي دنيا جي زندگي ڪجهه ڏينهن جي آهي جڏهن تہ آخرت جي زندگي دائمي (هميشہ رهڻ واري) آهي يقينًا ڪامياب اهو ئي آهي جيڪو هن ڪجهه ڏينهن واريءَ زندگي ۾ پنهنجي آخرت کي سينگارڻ ۾ لڳل رهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا جا ڪم ڪري جنّت ۾ داخل ٿي وڃي، الله عَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد ۾ سيپاري 4، سُوۡرَہ اٰلِ عِمۡرَان، آيت نمبر185 ۾ ارشاد فرمائي ٿو

فَمَنۡ زُحۡزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدۡخِلَ الۡجَنَّةَ فَقَدۡ فَازَ ؕ وَ مَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الۡغُرُوۡرِ ﴿۱۸۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪو باهہ کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مُراد کي پهتو ۽ دنيا جي زندگي تہ نڳيءَ جو سامان آهي

اچو تہ اِن مختصر زندگي کي سنوارڻ جي بجائي پنهنجي آخرت کي سنواريون ۽ نيڪ عملن جي ذريعي اُن جنّت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون جتي کو ڏُک نہ آهي ۽ هميشہ رهڻو آهي. نيڪين تي عمل ڪندي ۽ خود کي گناهن کان بچائڻ جو بهترين ذريعو تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀري مدني ماحول سان وابستگي آهي، ان مدني ماحول جي برڪت سان اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ آخرت جي تياري جو جذبو نصيب ٿيندو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي هرگهڙي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

## ڪتاب ”فيضانِ معراج“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شَبِ مِعراج سرڪار صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻيا به ڪيترائي مُشاهدا فرمايا، جن جو تفصيلي بيان پڙهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه ڪتاب ”فيضانِ مِعراج“ جو مطالعو ڪريو. هن ڪتاب ۾ سَفرِ بَيۡتُ المقدس جا مشاهدا، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا خُطبا، ستن آسمانن جو سير، اللّٰه تعالٰي سان هم ڪلام ٿيڻ ۽ واقعه ٔ مِعراج جي باري ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون انتهائي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيون ويون آهن، توهان به هن ڪتاب کي هديَّۃً حاصل ڪري خود به پڙهو ۽ لنگرِ رسائل به ڪريو يعني ٻين کي تحفي ۾ پيش ڪريو.

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج جي رات نبيِ محترم، شفيعِ معظّم صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيڪي جنّتي مشاهدا ڪيا اهي توهان سماعت ڪيا، سرڪار صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن جنّتي دروازي وٽ تشريف ڪٺي آيا ته رضوانِ جنّت جن پاڻ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو استقبال ڪيو، اُتي پاڻ جنّتي نهرن ۽ ان جي باغات ۽ وڻنڊڙ پکين کي ملاحظ فرمايو، نهرِ ڪوثر کي ڏٺو جنهن تي موتين جا خيما هئا ۽ اُن جي مٽي مُشّڪ جي هئي، پاڻ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت ۾ اهڙا بُلند محلّات کي به ملاحظ فرمايو. جنهن جي باري ۾ جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام جن عرض



www.dawateislami.net

ڪيو ھي غصي کي پيئڻ وارن ۽ ماڻھن سان درگذر ڪرڻ وارن جي لاءِ آھن. پڻ موتين سان تيار ٿيل گنبد وانگر خيما بہ ڏٺا جنھن جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ ھي توھان جي اُمّت جي آئِمّه ۽ مُؤذِّنن جي لاءِ آھن. حضور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ سَيِّدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي لاءِ ريشم جي پردن سان سينگاريل محل بہ ڏٺو ۽ جنّت جو سير ڪندي حضرتِ سَيِّدُنا بلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي قدمن جو آواز بہ ٻڌو، جنّت ھڪ اھڙو مڪان آھي جتي ايمان وارا ھميشہ رھندا، اُن ۾ اھڙيون نعمتون آھن جنھن کي نہ ڪنھن اک ڏٺو، نہ ڪنھن ڪن ٻڌو، نہ ڪنھن ماڻھو جي دل ۾ ان جو خيال آيو، جنّتُ الفِردَوس جي ميراث انھن خوش نصيب ايمان واري کي ملندي جيڪي پنھنجي نماز ۾ روئيندا آھن ۽ بيھودہ ڳالھ جي طرف توجھ ناھن ڪندا، زڪوات ڏيندا آھن، پنھنجي شرمگاھن جي حفاظت ڪندا آھن، پنھنجي امانتن ۽ پنھنجي واعدن جي رعايت ڪندا آھن، پنھنجي نمازن جي نگھباني ڪندا آھن. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ انھن پاڪيزہ خوبين وارو بڻائي، دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابين سان ھم آغوش فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مدني چينل ڪا تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! دورِ حاضر ۾ ميڊيا ذھن سازي ۽ ڪردار سازي ۾ ھڪ اثرائتو ھٿيار جو ڪم ڪري رھي آھي، ڪيترائي ماڻھو پنھنجي مخصوص گمراھ ڪندڙ، باطل نظريات ۽ برھنگي ۽ فحاشي ڦھلائڻ



www.dawateislami.net

جي لاءِ رات ڏينهن ان جو غلط استعمال ڪرڻ لڳا، جنهن جي ڪري نوجوان نسل ان بُري اثرات ۾ فڪرن جي وڪڙ ۾ اچي وئي، اهڙي ۾ هر دردمند دل جي بس هڪ ئي صدا هئي ته ڪاش! ڪو ميڊيا جي هن جنگ ۾ عقائدِ اهلِ سُنّت جي نگهباني جو جهنڊو ڪٽي ۾ پاڪيزگي ۽ طهارت جي فڪر ۾ عقائد جي اصلاح ۾ عملن جو علمبردار هڪ خالص اسلامي چينل شروع ڪري.

تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شورٰي وڏي شدت سان محسوس ڪيو ته مسلمانن جي گهرن مان ٽي-وي ڪيڻ ناممڪن جي قريب آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۾ اُها هي ته جهڙي طرح دريا ۾ اُٿل ايندي آهي ته ان جو رُخ ٻنين جي طرف موڙيو ويندو آهي ته جيئن ٻنيون به سيراب ٿين ۽ آبادين کي به هلاڪت کان بچايو وڃي، بلڪل اهڙي طرح ٽي-وي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿي انهن کي غفلت جي ننڊ مان اُٿاريو وڃي. جڏهن ان شعبي جي مُتَعَلِّق معلوم ٿيو ته پنهنجي ٽي-وي چينل کولي ڪري فلمون ڊراما، گانا، باجا، موسيقي جي ڌُن ۾ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي، ته اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شُورٰي جي خوب جدوجهد ڪري رَمضانُ المبارَڪ ١۴٢٩ھ بمطابق ستمبر 2008ء ۾ مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سُنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي حيرت انگيز مدني نتيجا اچڻ لڳا



www.dawateislami.net

مَدنی چینل کی مُہم ہے نفس وشیطاں کے خلاف
جو بھی دیکھے گا کریگا اِنْ شَآءَ الله اِعتراف
نَفْسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار
کہ نَدامَت کے سبب ہو گا گنہگار اشکبار

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

منا منا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ، آخرت جي فڪر لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ سُنّتن تي عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري نيڪي جي ڪمن ۾ ترقّي جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن 12 مدني ڪمن مان هفته وار هڪ مدني ڪم ”علاقائي دورو برائي نيڪي جي دعوت“ به آهي. نيڪي جي دعوت ڏيڻ اهڙو اهم فريضو آهي جو تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۽ خود سيّدُالْانبياء، محبوبِ خدا صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي به انهي مقصد جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو ويو، اُنهن مختلف مشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ کان پوءِ به اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ گناهه کان روڪڻ) جي هن عظيم فريضي کي خوبصورتي ۽ خوبي سان سر انجام ڏنو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي به ان عظيم مقصد کي پُورو ڪرڻ جي لاءِ هر هفتي ”علاقائي دورو برائي نيڪي جي دعوت“ ۾ شرڪت ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ٿو، اسان کي به وقت ڪڍي ڪري ان عظيم مدني ڪم ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺڻ



www.dawateislami.net

گهرجي. هفتہ وار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ اَوَّل تا آخر شرڪت کي پنهنجو معمول بڻايون، اِنۡ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون، اچو تہ انهي متعلق هڪ مدني بهار ٻُڌون ٿا.

## غفلت جا پڙدا ڪيئن هٽيا

يُو ڪي (انگليند) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ پنهنجي عيش جي ڪهاڻي جي خاتمي جو احوال ڪجهه هن طرح بيان ڪري ٿو تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان غفلت ڀري زندگي گُذاري رهيو هئس. دنيا جي رنگينين ۾ ايتري قدر ٻڏل هئس جو نَمازن جي ادائگي جو هوش ئي نہ هو نہ ئي ٻين فرائض ۽ واجبات جي پابندي جو ڪو ذهن هو، سُنّتن جي عظمت ۽ شان کان بہ ناواقف هئس، فڪرِ آخرت کان غافل دنيا جي رنگينين ۾ مصروف پنهنجي زندگي جا قيمتي ڏينهن فُضُوليات ۽ بيهوده ڳالهين ۾ برباد ڪري رهيو هئس. منهنجي گناهن ڀري زندگي ۾ ڪجهه هن طرح سُنّتن جي بهار آئي هڪ ڀيري مونکي دعوتِ اسلامي جي هفتہ وار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي وئي. اجتماع ۾ ٿيڻ واري سُنّتن ڀري بيان، ذڪر و دُرود ۽ بالخصوص آخر ۾ گهري ويندڙ رقت انگيز دُعا منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانيل گناهن جي ڪاراڻ ختم ڪري ڇڏي، زندگي جا ”انمول هيرا“ گناهن ۾ برباد ڪرڻ تي مونکي نَدامت ٿيڻ لڳي، سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي برڪت سان مونکي توبھ جي توفيق ملي ۽ مون نيڪ بنجڻ جو ارادو ڪري ورتو، اِن مُقدَّس جذبي جي تحت پندرهين صدي جي عظيم



www.dawateislami.net

عِلمي ۽ رُوحاني شخصيَّت، شيخِ طَرِيقت، اَميرِاهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کان بيعت (مريد) ٿي ڪري دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سُنّتن ڀري مدني ماحول ۾ اجتماع جي برڪت سان جتي مونکي پنج وقت جي نَماز پابندي سان ادا ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿي، اُتي پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو به نصيب ٿي ويو ۽ ايئن آئون راهِ سُنّت جو مسافر ٿي ويس. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون سُنّت جي مطابق چهري تي ڏاڙهي شريف سجائي ورتي، مٿي تي سائو عمامو شريف به سجائي ورتو ۽ سفيد مدني لباس جسم تي سينگارڻ پنهنجو معمول بڻائي ورتو ۽ تحرير لکڻ وقت اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينه جي ذمه دار جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سَر انجام ڏئي رهيو آهيان.

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان



www.dawateislami.net

محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان مسواڪ جي متعلق ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا.

پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي . (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) مسواڪ پيلُو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي موٽائي ڇيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نہ هجي نہ تہ ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي تہ سٺو نہ تہ ڪجھ دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ۞ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن بہ ڏندڻ ڪرڻو هجي تہ گهٽ ۾

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،97/1،حديث:175



www.dawateislami.net

گھٽ تي پيرا ڪريو ۞ ھر پيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ساڄي ھٿ ۾ اھڙي طرح ڪٽو جو ڇيچ ان جي ھيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي ھجي ۞ پھريان ساڄي طرف ڪان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف ڪان ھيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو ۞ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آھي ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قبليہ (وضو کان پھريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آھي البت سنّت مؤڪّدَہ ان وقت آھي جڏھن وات ۾ بدبو ھجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ شريف ج 1 ص 243) ۞ استعمال ٿيل ڏندڻ جا ٽاندورا ڳڏوڳڏ خود ڏندڻ جڏھن استعمال جي قابل نہ رھي تہ اڇلايو نہ، جو ھي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آھي، ڪنھن جڳھ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجھي ڇڏيو.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر
سنّتیں سیکھیں گے اس میں اِنْ شَآء اللّٰہ سر بسر

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.(2)

## (5) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

---

1...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنزِلهُ المَقعَدَ المُقَرَّبَ عِندَكَ يَومَ القِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

---

[1] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[2] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net